**A Sufi University girl student wins award 2023**

A student namely Shumaila, Department of Information Technology and Computing, the University of Sufism and Modern Sciences (USMS), Bhitshah won an award for her outstanding performance when she finished her final year research project. The research project was carried out under the supervision of Dr. Ali Raza Rang, Assistant Professor.

The research project titled “Human Following Robot” was shortlisted among the nationwide projects in National Grassroot ICT Research Initiative (NGIRI) 2021/22.

Prof. Dr. Parveen Munshi, Vice Chancellor, of the University of Sufism and Modern Sciences (USMS), Bhitshah expressed her pleasure over the recognition of a young girl student for her outstanding and award-winning performance in a research project. She said it is academic excellence, vigorous persuasion of knowledge on new technological trends, besides compassion to demonstrate tolerance and innovations. In addition, Prof. Dr. Parveen Munshi praised the efforts of the winning student and her supervisor for award-winning research and academic excellence. Vice Chancellor, handed over the award-winning Cheque to the student.

---

**يونيورسٽي آف صوفي ازم ائنڊ ماڊرن سائنس، ڀٽ شاهه جي شاگردياڻي پنهنجي قابليت جي بنياد تي تحقيقي انعام ماڻيو**

شُمائلا نالي شاگردياڻي، پنهنجي قابليت ۽ علمي جاکوڙ جي ميدان ۾ پاڻ مڃرائيندي تحقيق جو انعام 2023 حاصل ڪيوآهي. شمائلا انفرميشن ائنڊ ڪمپيوٽنگ ڊپارٽمنٽ، يونيورسٽي آف صوفي ازم ائنڊ ماڊرن سائنس، ڀٽ شاهه آخري سال جي شاگردياڻي آهي. جنهن ڊاڪٽر علي رضا رنگ جي رهنمائي ۾ هڪ تحقيقي پراجيڪٽ ”هيومن فالوئنگ روبوٽ“ جي عنوان سان تحقيقي مقالو جمع ڪيو هو. ان تحقيقي مقالي کي پرکڻ کانپوءِ ان علمي ڪم کي ملڪ سطح تي مڃتا ملي آهي، ۽ انعام سان پڻ نوازيو ويو آهي.

ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر پروين منشي، وائس چانسيلر، يونيورسٽي آف صوفي ازم ائنڊ ماڊرن سائنس، ڀٽ شاهه پنهجا عميق ويچار ونديدي چيو تہ اسان جي لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي، تہ پُنتي پيل علائقن جون نياڻين تعليم جي ميدان ۾ اڳيريون ٿيڻ جي جاکوڙ ۾ آهن. پاڻ شمائلا نالي شاگردياڻي جي قابليت تي اعتماد جو اظهار ڪندي چيائون تہ يونيورسٽي آف صوفي ازم ائنڊ ماڊرن سائنس، ڀٽ شاهه ۾ جديد تعليم سان گڏ انساني ڀائيچاري جي ڄاڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو وسيع دائرو غور ۽ فڪر جو عمل پڙهايو وڃي ٿو. ان عمل سان اسان جي معاشري جي مثبت ۽ ڪارگر اوسر ٿيندي. پاڻ شمائلا نالي شاگردياڻ ۽ ان جي سپروائيزر ڊاڪٽرعلي رضا رنگ کي انعام جي رقم چيڪ جي صورت ۾ ڏيندي ٻين شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ کين رهنمائي جا بنيادي اصول ۽ قاعد سمجهايا. انهي عمل سان شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي رهنما، پروفيسر ڊاڪٽر پروين منشي، وائس چانسيلر جي نقشِ قدم تي هلڻ جو عهد ڪيو ۽ علم حاصل ڪرڻ جي راهه تي پاڻ پتوڙڻ جو وچن ڪيو.


UNIVERSITY OF SUFISM AND MODERN SCIENCES BHITSHAH
VICE CHANCELLORS
01
PROF. DR. PARVEEN MUNSHI
12-04-2016


VICE CHANCELLORS
01
PROF. DR. PARVEEN MUNSHI
12-04-2016